DOI: https://doi.org/10.63056/jllsa.2.6.2026.408

Journal of Language, Literature & Social Affairs

journal homepage: https://scholarclub.org/index.php/jllsa

# A Research and Critical Study of the Problems Faced by Women in Sindhi Society in the Short Stories of Rehana Nazeer

# ريحانه نظير جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي عورتن کي درپيش ايندڙ مسئلن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

**Irfan Ali Dahri*[a], Mujeeb U Rahman Otho[b], Ghazala Khaskheli[c], Hameeda Khaskheli[d], Noor Ul Amin Bhutto*[e]**

a. M.Phil. Scholar, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazir Abad, Sindh, Pakistan.
b. M.Phil. Scholar, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazir Abad, Sindh, Pakistan.
c. M.Phil. Scholar, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazir Abad, Sindh, Pakistan.
d. M.Phil. Scholar, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazir Abad, Sindh, Pakistan.
e. M.Phil. Scholar, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazir Abad, Sindh, Pakistan.

**ARTICLE INFO**

**Received:**
May 10, 2026
**Revision Received:**
May 25, 2026
**Accepted:**
June 13, 2026
**Available Online:**
June 30, 2026

**Keywords:**
Sindhi Story, Sindhi Society, Social Reflection, Contemporary Fiction, Women's Issues.

**ABSTRACT**

Literature has always been regarded as a true reflection of society because it captures the emotions, struggles, values, and changing realities of human life. Among all literary genres, short stories hold a unique importance due to their ability to present deep social truths through ordinary characters and everyday experiences. Fiction writers not only entertain readers but also expose the hidden wounds of society, giving voice to the silent pain of marginalized people.This research paper explores the reflection of Sindhi society in the short stories of Rehana Nazeer, with special reference to her story collections Andar Ji Adalat (اندر جي عدالت) and Tik Tok Girl (ٽِڪ ٽاڪ گرل) . Her stories presents a realistic portrayal of contemporary Sindhi social life, particularly the emotional, psychological and social struggles faced by women. Through powerful storytelling and realistic characterization, she points out issues such as; gender discrimination, domestic oppression, social injustice, and the restrictions imposed by patriarchal traditions. At the same time, her stories also reflect cultural transformation, class conflict, generational gaps, and the growing influence of modern media and technology on social relationships.
The study aims to examine how Rehana Nazeer transforms everyday social realities into meaningful literary expression. It further analyzes her narrative style, social consciousness, and contribution to contemporary Sindhi fiction. The paper concludes that her stories are not merely artistic creations but significant social documents that reveal the hidden realities of Sindhi society and strongly advocate for human dignity, awareness, and social change.

* Correspondence to: M.Phil. Scholar, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazir Abad, Sindh, Pakistan.
E-*mail address:* irfanalidahri097@gmail.com, Noorbhutto659@gmail.com (I. A. Dahri) & (N. A. Bhutto)

3105-4919 & 3105-4927/© 2026 The Authors. Published by Scholar Club. This is an open access article.

اسان منجهان ڪيترن ئي اِهو پڙهيو هوندو تہ: ادب، ڪنهن بہ انساني سماج جو آئينو آهي يا وري ائين ڪٿي چئجي تہ، اهو ان سماج جي تنقيد، توضيع ۽ تفسير آهي. پر ان ڪان بہ ٿي قدم اڳتي وڌي، اسين اهو چئون تہ، ادب ڪنهن بہ سماج جو روح آهي. تہ ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ، ان جي هجڻ سان ڪوبہ سماج جڻ تہ جيئرو جاڳندو، وڌندو ويجهندو ۽ ساهہ کڻندو نظر اچي ٿو. تنهنڪري، اهو سچ آهي تہ، ادب ۽ سماج، ٻنهي جي وچ ۾ ڪيترين ئي صديون گذرڻ جي باوجود، هڪ گهرو ۽ گهاٽو، اٽتر ۽ اٽُٽ، بلڪ پيرائتو ۽ پراڻو تعلق رهيو آهي. اهڙي ريت، ادبي دنيا جو پيرو کڻي ڏسبو تہ، وري افسانوي ادب، اسان جي هن سماج جي تمام گهڻو ويجهو ۽ لاڳاپيل رهيو آهي، پوءِ چاهي اهو ناول هجي يا ڪهاڻي، پر ان ۾ سماج جا اهي سڀئي سچا ڪوڙا ڪردار، عڪس ۽ نقش ملندا، جيڪي اسان جي هن سماج جو حصو آهن. افسانوي ادب ۾ ناول جي ڀيٽ ۾ وري ڪهاڻي يا افساني جو تہ هڪ الڳ ئي سواد آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ، ٿورن لفظن ۾، ڪنهن هڪ واقعي يا حادثي کي کڻي پيش ڪرڻ جو هنر فقط ڪهاڻي يا افساني ۾ ئي ملندو، نہ صفحن جي گهڻائي، نہ ڪردارن ۽ واقعن جي قطار ۽ نہ ئي لفظن ۽ جملن جي ڀرمار، بس پنهنجي پڙهندڙ کي هيڏي هوڏي گهمائڻ ۽ ڦيرائڻ جي بجاءِ، ڪيس اصل ڳالهہ، نُڪتي ۽ مقصد جي طرف وٺي اچڻ ئي، ڪهاڻي يا افساني جي هڪ دلچسپ ۽ اهم خاصيت آهي. تنهنڪري، هن صنف جي فني خوبين ۽ خاصيتن تي جامع ۽ تفصلي صورت ۾ بحث ڪري سگهجي ٿو، پر اسين ان ڊگهي بحث ۾ پوڻ بدران پنهنجي اصل موضوع طرف اچون ٿا.

ڏنو وڃي تہ، ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾، جتي مرد حضرات پنهنجو پاڻ کي مڃرايو آهي تہ: اتي عورتون بہ ڪنهن کان گهٽ ناهن. اهوئي سبب آهي، جو انگريزي ادب ۾ ميري شيلي، جين آسٽن، ايملي ڊڪنسن، ورجينا وولف، ٽوني موريسن، جارج ايليٽ، فرينچ ادب ۾ ڪوليٽي، سائمن ڊي بيئوور، عربي ادب ۾سحر خليفہ، گدا السمن، فارسي ادب ۾ زهره خنلاري، ارم دوخت، اردو ادب ۾ قرت العين حيدر، عصمت چغتائي، اروڌنتي راءِ، امرتا پريتم،انيتا نائر ۽ سنڌي ادب ۾ نورالهديٰ شاهہ، زينت چنا، ثميره زرين،رشيده حجاب، جميلا نرگس، ثريا ياسمين، مهتاب محبوب، فهميده حسين، مهتاب عباسي، جميلہ تبسم، خيرالنسا جعفري، زرينہ بلوچ ۽ شبنم گل وغيره جهڙيون مشهور ڪهاڻيڪارائون، دنيا جي هر ٻوليءَ جي ادب سان ڪنهن نہ ڪنهن نموني ضرور لاڳاپيل رهيون آهن. همعصر دور جي سنڌي ڪهاڻيڪارائن ۾ ريحانہ نظير جو نالو بہ شامل آهي. هن جي لکڻ جو انداز، ٻين ڪهاڻيڪارائن کان بلڪل ئي منفرد هجڻ سان گڏوگڏ پنهنجي سڃاڻپ پاڻ آهي. هن ڪهاڻي لکڻ جي شروعات سنڌ جي مشهورمخزنن ۽ اخبارن جهڙوڪ: مهراڻ، سرتيون، عبرت، سماج واد، امرتا ۽ سنڌ ايڪسپريس ۾ لکڻ کان ڪئي. جنهن بعد هن پنهنجون سڀئي ڪهاڻيون سهيڙي " اندر جي عدالت“ ۽ ”ٽِڪ ٽاڪ گرل“ جي نالي سان ٻن مجموعن جي صورت ۾ شايع ڪرايون آهن. ريحانہ نظير جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جو هڪ چٽو عڪس، آئينو ۽ اولڙو نظر اچي ٿو، جن ۾ خاص طور، سنڌي سماج جي مظلوم، محڪوم ۽ بنيادي حقن کان محروم عورتن جا ڪيترائي ڇِرڪائيندڙ مسئلا ۽ معاملا ملن ٿا. جيڪي موجوده دور ۾ هر آئي ڏينهن پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي هڪ اهم خبر ۽ سُرخي طور شامل ٿين ٿا. انهن مسئلن بابت پاڻ ئي هڪ ڪهاڻي ”موٽڻ جنين مِهڻو“ ۾ لکي ٿي تہ:

" هتي تہ هر روز ساڳيون ئي خبرون، ڪا نئين خبر آهي ئي ڪانہ! يا تہ ڇوڪريءَ خودڪشي ڪري ڇڏي، يا مائٽن ماري ڇڏي، يا وري پسند جي شاديءَ تي ڪارو ڪري ماري وئي. ڪابہ تہ نئين ڳالهہ ڪانہ هوندي آهي. هتي تہ روز نياڻيون وحشي درندن جي ڄار ۾ ڦاسنديون آهن، يا بليڪ ميل ٿينديون آهن يا وري مري وينديون آهن. ڇاڪاڻ تہ، زندگي هنن کي جيڏو وسيع ڪئنواس ڏيندي آهي، موت اوترو سوڙهي گهٽيءَ مان هنن کي گهلي کڻي ويندو آهي.“
(ٽڪ ٽاڪ گرل، ص: 66_67)

۽ اها حقيقت آهي ته، اسان جي هن سماج ۾ اڄڪلهه هر روز ڪانه ڪا عورت، ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن نه ڪنهن مسئلي ۽ مونجهاري جو شڪار ضرور آهي. پوءِ چاهي اهو غيرت جو مسئلو هجي يا بليڪ ميلنگ، هراسمينٽ، سندس مرضي خلاف شادي ڪرائڻ، طلاق گهرڻ، شادي جي ڪوڙن ڏٽن ۽ دلاسن تي ڪيس ڪُوڙي محبت جي ڄار ۾ ڦاسائڻ ۽ پنهنجا حيواني غرض پورا ڪرڻ، خانداني يا قبائلي تڪرار يا وري ڪڏهن عورت دشمن نظريي موجب؛ مختلف قسم جون غلط مذهبي تشريحون ۽ تاويلون پيش ڪرڻ وغيره جهڙا انيڪ ۽ اڪيچار مسئلا ئي ڇو نه هجن، پر انهن سڀني سماجي خرابين جو ڪاچ، هميشه عورت کي ئي بڻايو ويو آهي. ان ڏس ۾ انساني حقن جي لاءِ ڪم ڪندڙن ادارن جون مختلف سرويز ۽ رپورٽون ئي پڙهي ڏسون ته، اسان کي اهو چڱي ريت معلوم ٿي ويندو ته، هن سماج ۾ عورتن سان ڪهڙي ريت، ڪهڙا ڪهڙا ظلم ۽ ڏاڍ ٿين پيا. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن ڏسبو ته، هڪ رپورٽ موجب: "سنڌ ۾ رڳو جنوري کان سيپٽمبر 2025ع ۾ هڪ سئو بائيتاليهه (142) قتلَ "ڪارو ڪاري ۽ غيرت" جي نالي تي ڪيا ويا آهن. جنهن ۾ وڏو انگ يعني هڪ سئو پنج (105) عورتن جو آهي." (1) هاڻي اِهي ته اُهي ڪيس آهن، جيڪي رپورٽ ٿيا آهن، اجا اهڙا ڪيترائي ڪيس آهي، جيڪي فقط بدنامي ۽ خواري ٿيڻ سبب ظاهر ئي ناهن ڪيا ويندا. اهڙي ريت، سنڌ ۾ عورتن جي تعليم جي ڳالهه ڪجي ته، ان بابت به ڪا اڳيرائي نظر نٿي اچي. ڇاڪاڻ ته: هڪ سروي موجب: "سنڌ ۾ ايڪونجاهه (51) سيڪڙو ڇوڪريون اسڪول کان ٻاهر (Out of School) آهن." (2) هڪ ٻي رپورٽ، جيڪا بيورو آف اسٽيٽڪس، گورنمينٽ آف سنڌ وارن جي آهي، ان موجب: " سنڌ ۾ پڙهيل عورتن جو تعداد فقط پنجيتاليهه (45) سيڪڙو آهي." (3) يعني پنجونجاهه سيڪڙو عورتون، سندن بنيادي حق: تعليم جهڙي زيور کان ئي محروم آهن. اهڙيون ڪيتريون ئي تلخ حقيقتون ۽ حالتون آهن، جن تي جيترو افسوس ڪجي، سو گهٽ آهي. تنهنڪري، اهڙو سماج، جتي عورتن کي پنهنجي بنيادي حقن کان ئي محروم رکيو وڃي، ته ان سماج ۾ ريحانه نظير جهڙين ليکڪائن ۽ ڪهاڻيڪارائن جو جنم وٺڻ به هڪ سٺو سَنوڻ آهي. ڇاڪاڻ ته، هن جيڪي به ڪهاڻيون لکيون آهن، انهن جو مرڪز ۽ محور فقط ئي فقط، سنڌي سماج جون عورتون ۽ کين پيش ايندڙ مسئلا آهن. ان ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو محقق ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو ته: " ڊاڪٽر ريحانه جي هڪ ٻن ڪهاڻين کي ڇڏي، جيڪي مرد ڪردارن تي لکيل آهن، باقي سندس سموريون ڪهاڻيون، گهڻو ڪري عورت جي درد ڪٿائن، مسئلن، مصيبتن ۽ ساڻس سماج پاران اختيار ڪيل امتيازي سلوڪ، ناانصافين ۽ زيادتين تي محيط آهن." (4)

روس جي عظيم ڪهاڻيڪار چيخوف، ڪهاڻي لکڻ جي لاءِ ڇهه اصول ٻڌايا آهن، جيڪي ڪجهه هن ريت آهن:

" واعظ (رڳو نصيحتون ڪندڙ) نه بڻجو، غير جانبدار رهو، سچ لکو، مختصر لکو، بهادر بڻجو ۽ همدردي (ماڻهن سان) رکو." (5)

ريحانه نظير جي ڪهاڻين ۾ ڏسبو ته، اسان کي مٿي بيان ڪيل اصولن جو استعمال ضرور ملندو. ڇاڪاڻ ته هوءَ پنهنجي پڙهندڙن کي زبردستي ڪي نصيحتون نٿي ڪرڻ چاهي، بلڪ لڪيل حقيقتن تان پردو کڻي ٿي. هو ڄاڻي واڻي ائين به نٿي چوي ته، جتي ڪٿي فقط مردن جو ئي ڏوهه آهي، پر هڪ عورت هوندي، غيرجانبداري جو مظاهرو ڪندي، پنهنجي ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ عورتن جي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين کي به بيان ڪري ٿي. هن جيڪو به لکيو آهي، سو اسان جي سماج جو هڪ تلخ سچ ئي آهي ۽ عورت هجڻ جي ناتي، عورتن سان همدردي رکندي، پنهنجي مختصر ڪهاڻين ۾ وڏي جرئتمنديءَ سان سندن ڪيس پنهنجي پڙهندڙن جي سامهون رکيو آهي.

هن جي ڪهاڻين ۾، سنڌي سماج جي عورتن مٿان ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ظلم جي هڪ اهڙي تہ درد ڀري دانهن آهي، جو ان جي ڪرب ڀري ڪُوڪَ، هر پڙهندڙ جا لڱ ڪانڊاري وجهي ٿي. سندس هڪ ڪهاڻي " واردات " ۾ اهڙو ئي ساهہ کي سوڙهو ڪندڙ ۽ جيءَ کي جهوريندڙ منظر ملي ٿو، جيڪو ڪجهہ هن ريت آهي.

" الله جي مار پويئي، منهنجو ڪهڙو ڏوهہ آ ؟ مون کي نہ مار نہ مار ! او ماسي ، مون کي بچاءِ، او ماسي مونکي ماري ڇڏيندو !" ليليٰ گهٽو ئي ڊڪي ، ڪيڏي مهل ڪٺ جي هن پاسي تہ ڪيڏي مهل هن پاسي." (اندر جي عدالت، ص : 59)

سندس ڪهاڻين ۾ ماءُ جي ممتا کي ايذائيندڙ وحشي اولاد جي ناروا سلوڪ سان سلهاڙيل دل ڏکوئيندڙ واقعن جو عڪس بہ موجود آهي. جنهن ۾ اولاد جي نافرمانيءَ جو هڪ چٽو ثبوت سمايل آهي، جيڪا ماءُ پنهنجي اولاد کي پالي پوسي وڏو ڪري ٿي، پاڻ تڪليف ۾ رهندي، پنهنجي اولاد جي هر خواهش پوري ڪرڻ خاطر، پنهنجي سموري سڪون ۽ راحت کي داءَ تي لڳائي ٿي، ان ماءُ جي هستيءَ کي ڪهڙو نتيجو ملي ٿو، اهو سمورو منظر، ڪهاڻي " هھڙا پيا هاجا ٿين " ۾ ڪجهہ هن ريت ملي ٿو:

"عورت جون ررڙيون آسمان کي چيري رهيون هيون، مون کي بچايو ! او ابا ، او پٽ ! مونکي ڇڏ ، الله جو واسطو اٿئي، رسول جو قسم، ابا مونکي ڇڏ ! ابا ابا او ابا ! جيڪي ماڻهو اجنبي وينل هئا وٺي ڀڳا. عورتن جي هنجن مان ٻار ڪري پيا، سڀ دروازي ڏانهن گهٽيءَ ڏي ڀڄڻ لڳا. ائي هي تہ ياڳ ڀريءَ جو پٽ آهي نہ !" ائي منيس ! هيءَ تہ ياڳ ڀري آهي ! ڇت تان هڪ مائي رڙ ڪئي ، سڀئي مايون حيرت مان هن کي ڏسڻ لڳيون. مائي الله پڄيس. هيءُ ماءُ کي گهلي رهيو هو! ياڳ ڀريءَ جو سڄو جسم رتو رت هو. ڪپڙا ليڙو ليڙو ٿي ويا هئا." (اندر جي عدالت، ص: 70)

سندس هڪ ڪهاڻي " هائوس وائيف " ان عورت جي درد ڪٿا آهي، جيڪا هڪ يونيورسٽيءَ جي ليڪچرار جي گهرواري آهي، جيڪا هر روز پنهنجي مڙس جا طعنا ۽ ٽُنڪا سهي ٿي ۽ مٿان وري ڳوٺ وارن جي منفي سوچ بہ ڪيس دل شڪستہ نہ ٿي ٻڌائي، هو هڪ اڻ پڙهيل عورت هوندي بہ پنهنجي اولاد کي پڙهڻ جو تاڪيد ڪري ٿي . پر افسوس ! ماڊرن سوچ جي دعويٰ ڪندڙ ۽ سڄو ڏينهن عورتن جي حقن جون ڳالهيون ڪندڙ ان ليڪچرار کي پنهنجي ننگ ۽ ناموس جي ڪابہ پرواهہ ناهي هوندي. ريحانہ نظير هن ڪهاڻيءَ ۾ ان عورت جي درد ڪٿا سندس ئي هڪ ڏيءَ جي ڪردار وسيلي بيان ڪري ٿي ۽ آخر ۾ هڪ اهڙو سوال ڇڏي ٿي وڃي، جنهن جو جواب ڏيڻ کان اسين سڀ قاصر ٿي وڃون ٿا:

" بابا ڪو ايڏو غريب تہ ڪونہ هو. يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار هو. اتي تہ سڄو ڏينهن عورتن جي حقن جون ۽ سماجي ڀلائيءَ جون ڳالهيون هلنديون هيون. پر ڇا امان ان سماج جو حصو نہ هئي؟" (اندر جي عدالت، ص : 158)

هن " اندر جي عدالت " ڪهاڻي ۾ ڪارو ڪاريءَ واري رسم کان بچڻ خاطر اسان کي هن ڪهاڻي جي ڪردارن وسيلي هڪ متبادل رستو فراهم ڪيو آهي. هن ڪهاڻي ۾ هڪ پڙهيل لکيل ۽ سوچيل سمجهيل نوجوان جي ڪرادر سان گڏوگڏ هڪ ڇوڪريءَ جو ڪردار بہ شامل آهي. جنهن ۾ ڇوڪري، ان ڇوڪري کي ڪورٽ ۾ شادي ڪرڻ جي انڪار تي ڪيس بزدليءَ جا مهڻا ڏئي ٿي، پر ان نوجوان کي پنهنجي خاندان ۽ ليليٰ جي خاندان جي ساک جو احساس ٿئي ٿو، هو نٿو چاهي تہ انهن جي محبت ڪو خونريزي جو سبب بڻجي، بلڪ انهن جي محبت تہ پٽائيءَ جي هن سٽ وانگر تہ " ڳوليان ڳوليان مَ لهان ، شال مَ ملان هوت" جي مصداق ثابت ٿئي. هن پنهنجي هڪ ڪهاڻي ۾ اهڙو ئي خيال ڪجهہ هن ريت پيش ڪيو آهي تہ:

” ڇا محبت صرف حاصل ڪرڻ جو ئي نالو آهي؟ نه ائين نه آهي. محبت صرف محبوب کي سڄي عمر دل ۾ وسائڻ جو نالو آهي ۽ چاهڻ جو نالو آهي، پوڄڻ جو نالو آهي ۽ ياد ڪرڻ جو نالو آهي.“

آخرڪار ليليٰ پنهنجي چاهيندڙ جي ڳالهه مڃي وٺي ٿي ۽ هو پنهنجي سئوٽ سان شادي ڪري ٿي، جيڪو شاديءَ کانپوءِ، ڪيس بي انتها پيار ڪري ٿو ۽ نتيجي ۾ ٻن خاندانن جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿيڻ کان بچي وڃن ٿيون.

اهڙي طرح، سندس ڪهاڻي ”بُري عورت“ انهن مردن جي حوس کي ظاهر ڪري ٿي، جيڪي شادي شده هوندي به پنهنجي ڪُڌن ڪرتوتن کان باز نٿا اچن ۽ بنا ڪنهن خوف ۽ حياءَ جي ڪيترين ئي عورتن جي معصوم جذبن ۽ احساسن سان کيڏندا رهن ٿا ۽ پوءِ آخر سڄو ڏوهه عورت تي ئي ڏين ٿا. هن ڪهاڻي ۾ ردا نالي هڪ ڇوڪري کي هڪ بئنڪ ۾ سچل نالي هڪ شادي شده بئنڪ مئنيجر جو ڪيس پنهنجي حوس جي بُک پوري ڪرڻ جي لاءِ قاسائڻ ۽ پوءِ آخر ۾ ڪنهن ٽِشو پيپر جيان استعمال ڪري، ڦٽو ڪرڻ جهڙي سموري وارتا پڙهي سمورو اندر ڇڻ ته اُٿلڻ لڳي ٿو ۽ ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ردا جي ميار ڇڻ ته ان قسم جي مڪار مردن جي مڪروهه چهري کي وائکو ڪري ڇڏيو آهي:

” بُري عورت، بُري عورت، بُري عورت، اهي لفظ هن جي وجود کي وڻ ويڙهيءَ وانگر وڪوڙي ويا هئا. “

”ها مان بُري عورت آهيان. مون توتي اعتبار ڪيو ۽ تو اڄ مون کي هي رُسوائي ڏني. عجيب محبت آهي، جيڪا توکي پرهيزگار ۽ مونکي گنهگار ڪري وئي.“ ( ٽڪ ٽاڪ گرل، ص:35)

هن سماج جو هميشه اهو به الميو رهيو آهي ته هتي ٻي پهچ، مظلوم ۽ مسڪين ماڻهن جي ڪڏهن ڪا داد رسي ناهي ٿيندي، بلڪ پوليس جي چڪرن ۽ ڪورٽن جي ڦيرن، سياسي ماڻهن جا سڪٽي لباڙ ۽ پرنٽ، سوشل ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي اوچتي يلغار ۽ خواريءَ کان بچڻ جي لاءِ ڪيترا ئي غريب ماڻهو نا اميد ۽ مايوس ٿيو وڃن ۽ پوءِ انصاف نه ملڻ تي قيامت جي ڏينهن اچڻ تائين، پنهنجي مالڪ جي هٿ وس هر ڳالهه ڇڏي ڏيندي آهن. جيئن ريحانه صاحبه جي هڪ ڪهاڻي ” مايا “ ۾ هڪ تيرنهن چوڏهن سالن جي پينو فقيرياڻيءَ سان شراب پيئاري، زيادتيءَ جي واقعي کي پيش ڪيو ويو آهي، پر هن سماج جي ماڻهن جي عجيب روش ڏسي، هن جو انصاف گهرڻ تان روح ئي ڪڇي وڃي ٿو ۽ آخر ۾ هي جملا چوندو اسپتال مان نڪري وڃي ٿو ته:

” اسان کي انصاف نه کپي، اسان کي انصاف نه کپي، اسان جو انصاف الله ڪندو.“ ( ٽڪ ٽاڪ گرل، ص: 90)

سندس هڪ ڪهاڻيءَ ”ٽِڪ ٽاڪ گرل“ کي جيڪڏهن پڙهي ڏسبو ته، ان مان اهو مجموعي تاثر جڙندو ته، جتي اسان جي سماج ۾ والدين پنهنجي نياڻين کي ٽڪ ٽاڪ استعمال ڪرڻ جي ته اجازت ڏين ٿا، پر ساڳي ريت جڏهن اهي ئي ڇوڪريون پنهنجي من پسند همسفر چوندڻ جي ڳالهه ڪن ٿيون ته پوءِ ڪين ڪهڙي ريت منفي روين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، ان سموري روئيداد جو هڪ عجيب منظر اسان کي هن ڪهاڻيءَ ۾ ملندو.

اهڙي ريت، ريحانه نظير جون ڪيتريون ئي اهڙيون ٻيون به ڪهاڻيون آهن. جيڪي هن سماج جي درد ڪٿائن ۽ ڪين پيش ايندڙ عجيب قسم جي وارتائن سان پريون پيون آهن. جهڙوڪ: ڪُونج اڏرڻ کان اڳ، وري سهٽي سِير ۾، ٽياس تي ٽنگيل، اِسٽوپڊ، ايبارشن، هائوس وائيف، بي شرم، واردات ۽ رت ۾ ٻڏل هٿ وغيره جهڙيون سندس ڪهاڻيون پڙهڻ کانپوءِ ائين ڇئي سگهجي ٿو ته، هن سماج جون عورتون ڪيتريون نه مظلوم ۽ محڪوم آهن ۽ اهي ڪيترا نه ڏک، سُور، تڪليفون ۽ اذيتون برداشت ڪن ٿيون.

هڪ انگريز ناول نگار مارڪوس سيڊوِڪ (Marcus Sedgwick) ڪهاڻيءَ بابت لکي ٿو تہ: ” هر ڪهاڻيءَ جي لکڻ پُٺيان ڪونہ ڪو مقصد هوندو آهي.“ تنهنڪري، ريحانہ نظير جي ڪهاڻين جو مقصد بہ فقط عورتن تي ٿيندڙ هر قسم جي سماجي توڙي نفسياتي ٽارچر ۽ ظلم، گهريلو تشدد ۽ ناديءَ جي خلاف آواز اٿارڻ آهي. هوءَ پنهنجي ڪهاڻين ذريعي اهڙو سماج جوڙڻ چاهي ٿي، جنهن ۾ عورت کي مرد جيتري حيثيت ڏني وڃي، برابري جي بنياد تي ان کي پنهنجا بنيادي حق ڏنا وڃن ۽ هر عورت کي پنهنجي زندگي سڪون سان بسر ڪرڻ جو حق ڪيس مذهبي توڙي ملڪي قانونن ۽ قاعدن جي مطابق ڏيڻ گهرجي. ڊاڪٽر قاضي خادم سندس ڪهاڻين بابت لکي ٿو تہ، ” ريحانہ نظير جا هي افسانا سنڌي سماج ۾ عورت جي مقام جي باري ۾ هڪ خاص تاثر ڇڏين ٿا ۽ ڇٽي طرح ٻڌائين ٿا تہ سنڌ ۾ عورت کي اڃا اهو مقام ناهي مليو، جنهن جي هوءَ مستحق آهي.“ (6)

**نتيجو:** سنڌي ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن ۽ ڪهاڻيڪارائن پنهنجو پاڻ ملهايو آهي، انهن مان ريحانہ نظير جو نالو بہ هڪ اهم ڪهاڻيڪاره طور ڳڻائي سگهجي ٿو. هن جي افسانوي مجموعن "ٽڪ ٽاڪ گرل" ۽ "اندر جي عدالت" جي مطالعي مان اهو نتيجو سامهون اچي ٿو تہ، هن سنڌي سماج ۾ عورتن کي درپيش مسئلن، ناانصافين ۽ سماجي جبر کي انتهائي حساسيت ۽ فني مهارت سان پيش ڪيو آهي. سندس ڪهاڻين ۾عورت رڳو هڪ ڪردار نہ، پر هڪ اهڙو شعوري وجود بڻجي سامهون اچي ٿي، جيڪو سماجي روايتن، گهريلو تشدد، معاشي استحصال ۽ ذهني دٻاءَ جهڙن مسئلن سان مقابلو ڪندي نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻين کي پڙهڻ کان پوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ، سنڌي سماج ۾ عورت جي حيثيت ۽ حقن بابت اڃا بہ ڪيترائي سوال موجود آهن، جن کي ريحانه نذير پنهنجي تخليقي شعور ذريعي اجاگر ڪيو آهي.

**حوالا:**


The Nation. (2025, December 9). Sindh's women cannot wait.

Pakistan Institute for Parliamentary Services. (2024). Infographics-006.

Sindh Bureau of Statistics. (2022). Sindh in figures — 2021.

نظير، ريحانہ، مهاڳ” (ٽِڪ ٽاڪ گرل“، ڪويتا پبليڪشن،2021ع، ص11

Chekhov's great short story: The Bishop.

نظير، ريحانہ” اندر جي عدالت“، ڪويتا پبليڪيشن،2018ع، ص :14